يارو!
اُچو تہ ڳايون

"ڊاڪٽر ديال آشا"

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

پرم پوجنیہ سوامی شانتی پرکاش مہاراج



اسانجو روحاني راڻو دادا جشن واسواڻي

ٻارو اَچو ته ڳايُون

رچيتا

ڊاڪٽر ديال ڪوٽومل ڏاميجا 'آشا'

ايم.اي.پي ايڇ.ڊي.

پرمک

سنڌي وڀاڳ

شريمتي چانڊي ٻائي هِمٿمل منسڪاڻي ڪاليج

اُلهاسنگر-٤٢١٠٠٣.

ڊسمبر ١٩٩٠ع قيمت ١٥ روپيه

چترڪار

رام لعلچنداڻي

اَنجلي پرڪاشن - اُلهاسنگر-٤٢١٠٠٥.

پرڪاشڪ :

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

بئرڪ نمبر ١٩٧٤، اُلهاسنگر-٤٢١٠٠٥.

گجرات سنڌي اڪيڊمي جي سهيوگ سان شايع ٿيل.

آشيرواد

ٻار ئي ديش جي سچي دولت آهن. اُنهن جي پالنا ۾ سٺن سنسڪارن جي جوابداري ماتا پتا گروءَ ۽ ساهتيڪار تي آهي. جيئن شرير لاءِ صاف هوا، نرمل جل ۽ قوت بخش کاڌي جي ضرورت آهي تيئن مانسڪ ۽ نئتڪ وڪاس لاءِ سٺن سنسڪارن جو هئڻ ضروري آهي.

ساهتيڪار به اُن ڏس ۾ پنهنجو يوگدان ڏيئي سگهي ٿو. پياري ديال 'آشا' اُن ڏس ۾ ٻارن لاءِ سندر ۽ سکيادائڪ گيت، ليک ۽ جيونيون لکيون آهن. ڪيس ڪيترن پستڪن تي پرسڪار پڻ مليا آهن. "ٻارو! اَچو تہ ڳايون" سندس ٻال گيتن جو سنگرهه ٻالڪن ٻالڪين لاءِ اُميد تہ اپيوگي ثابت ٿيندو. اِهي گيت سرل سپڪ سنڌيءَ ۾ آهن. شل سدائين پياري ديال تي پربوءَ جي وڌيڪ وڌيڪ آسيس ٿئي جو ساهتيہ ۽ قوم جا گهڻا پريندو رهي. اُنهن گيتن سان گڏ پياري رام لعل چنداڻيءَ جا چتر بہ سونيءَ تي سهاڳو آهن.

- سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

Soorih Mirani

پيش پـ...

پروفيسر ديال آشا کي ٻارن واسطي عجيب پيار آهي، ڇو ته کيس پڪ آهي ته آئينده جي اُميد آهن ٻار. ولايت جي هڪ ملڪ، بوريا ۾ هڪ چوڻي آهي: اسان جو بچائيندڙ اسانجي ملڪ جو نيتا هن وقت ويٺو آهي ڪنهن نه ڪنهن اسڪول جي بينچ تي! وديارٿين جي هٿ ۾ آئينده جي ڪنجي آهي. ان ڪري ضروري آهي ته کين سچي وديا ڏني وڃي.

چر ته نهي تو بهادري ۽ سورمان دواران - تنهنڪري

ضروري آهي ته ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي ويرن سورمن ستپرشن بابت ٻڌايو وڃي، جن جي جيون ۾ بهادري، سورمائي ۽ ملڪي محبت جاڳي! ويرپوڄا جيون ٺاهي ٿي ۽ نوجوانن کي نئون ڪندي.

پروفيسر ديال آشا وقت بوقت ٻالڪن ٻالڪين واسطي سندر پستڪ تيار ڪيا آهن، ان ويچار سان ته سندن ڪچڙين دلين اندر سادگيءَ شيوا، پوترتا ۽ پرارٿنا جا ٻج ڇٽيا وڃن. پروفيسر ديال آشا اڪ ودوان آهي، پر کيس وديا جو ايمان ڪين آهه. پنهنجو ڪم ڪيڏي نه نمرتا سان ڪري رهيو آهي. سنڌي سماج جو اڪ نشڪام شيوادار آهي. سنڌي ٻالڪن ٻالڪين ۽ نوجوانن واسطي کيس بيحد پيار آهي.

پروفيسر ديال آشا ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿو! ڪاليج ۾ پاڙهي، ودوانن، اناٿن ۽ پيڙتن جي شيوا ڪري. ڪن سنسٿائن جي ديکڀال ڪري، هر روز ستسنگ ۾ حاضر رهي، تنهن هوندي به وقت بچائي ساهتيه کي ڏئي ٿو. سنڌي ساهتيه ۾ نالو ڪڍيو اٿائين - ڪوي آهي، ڳائيندڙ آهي. سندس ڪويتائون اُمنگ سان ڀريل آهن. سندس آواز ۾ مٺاج آهي. خوشي اٿم جو سندس ٻال ڪويتائن جو سنگرهه 'ٻار وا! اَڇوت ڳايون...' شايع ٿي رهيو آهي. پياري ديال آشاجي سکيادائڪ ٻال گيتن کي سينگاريو آهي پياري رام لعلچندانيءَ جي سندر تصويرن. هي پستڪ ٻالڪن ٻالڪين لاءِ نه صرف منورنجن پر سکيا جو ساڌن ثابت ٿيندو. شل هن سندر پستڪ تي ايشور ۽ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

– دادا جشن واسواڻي

Soorih Mirani

پرارٿنا

دیالو اسانتي ديا ڪر سدائين،
سين تي مهر جو مينهن ٿو وسائين.
ٿي تنهنجي رحم سان هلي دنيا ساري،
جڳت جو تون داتا جڳت کي نڀائين.
عجب رنگ تنهنجا عجب تنهنجي قدرت،
ڪٿي مان پيو ڪيچ تون ٿي ٻڌائين.
لڳن تيز طوفان ۾ لهرن جا لوڏا،
پنهنجي ٻاجھ سان تون ڪناري لڳائين.
ڌرم ۽ ڪرم جي سچي سوجهي ڏي تون،
ڀليل آهيون داتا اسئين دڳ لڳائين.
پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ سان ڪي دل ۾ هندايون،
سچي گيان جي ڪاش! جوتي جڳائين.
ڪريون شيوا سڀ جي آشا فرض ڄاڻي،
ڪريون آگيا پالڻ سمت ڏي تون سائين.

Soorih Mirani

وندنا

سرسوتي ماتا وديا جو دان ڏي ،
مان پڙهي ودوان ٿيان سوگيان ڏي.

وندنا توکي ڪريان مان وار-وار ،
تون وديا جي آهين ديوي نمسڪار.

ويڻا وادني ماتا تنهنجي جئه جئڪار،
هَنسَ تي آهين سدائين تون سوار.

توکئي آسيس جنهن تي سوڦليو ،
جڳت ۾ نالو سندس روشن ٿيو.

نيم سان ماتا ڪريان تنهنجو ڏيان،
پريم شردا سان مان ڳايان تنهنجو ڳان.

هر ڪلا ماتا تنهنجوئي وردان آ،
'آشا' تي پڻ تنهنجوئي احسان آ.

شري لوڪمانيه بال گنگادر تلڪ

ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان،
پرواني جيان ڪئي تو قربان پنهنجي جان.
'آزادي جنم سد آ اڌڪار اسانجو'،
ڪيو راڄ ٿا اسان تي ڪهڙو حق آ اوهانجو؟
ڀارت ڇڏيو انگريزو! هڪدم ميو فرمان.
ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان.
نشڪام ند، نيتا نشٿاوان تلڪ هئين،
'گيتا رهسيه' لکيو تو، ودوان تلڪ هئين،
رڳ رڳ ۾ ديش ڀڳتي، تون قوم جو هئين شان،
ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان،
'آشا' تو قوم ڪشتي ڪناري سان لڳائي،
قرباني تنهنجي لوڪمانيه ٿي ترسجائي،
آزادي ملي ڦوليو ڦليو آهي هندستان،
ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان.

Soorih Mirani



ٽي-وي

دادا ٽي-وي آندي آهي،
روز اسانکي ٿي وندرائي.
گهر ويٺي ئي فلم ڏسون ٿا،
نيتائون ڪلاڪار پسون ٿا.
ڪڏهن ڳايڪ گيت ٿا ڳائن،
سازيندڙ ٿا ساز وڄائن.
ڀانت ڀانت جا ناچ نيارا،
ڇيڄون راسيون گربا پيارا.
دنيا جا احوال ٻڌون ٿا،
بحث ۽ ڀاشڻ جام سڻون ٿا.
گهر ويٺي ٿا گيان پرايون،
گيان سان گڏ ٿا مَن وندرايون.
والي بال ڪرڪيٽ ڏسون ٿا،
گاوسڪر ڪپلديو پسون ٿا.

رامائڻ ۾ رام ۽ سيتا،
مهاڀارت ۾ ڪرشن گيتا.
تني وي آهي چڻ ڪو مندر،
نري پوي در شڪ جو اندر.

گُڏي گُڏيءَ جي شادي

گُڏي گُڏيءَ کي شادي ڪرايون،
اَچو تہ تِن جا لاڏا ڳايون.

سهڻا ڳهڻا گُڏيءَ کي پايون،
ريشم جا ڪپڙا پي پايون

اچو گُڏيءَ کي ميندي لڳايون،
تنهن جي اکين ۾ ڪاجل پايون

گڏي لڳي ٿي سهڻي ڪنوار
گڏو بہ ٺاهوڪو آ پتار

گڏو گڏيءَ کي ڪندو پيار
هر ڪو ٿيندو باغ بهار

لاڏيو سڄايو اسانجو ٿيندو،
هر ڪو واڌايون اسانکي ڏيندو

رکشا بنڌڻ

منهنجا ڀائو! پيارا! پيارا!
آمان جي اکڙين جا تارا!
بابل جي تون دل جا سهارا،
راڄ دلارا! لعل دلارا!
رکشا بنڌڻ اڄ ته ملهايون،
خوب خوشيءَ مان جهومون ڳايون.
پيار مان رکڙي ٻڌان مان توکي،
موٽ ۾ خرچي تون ڏي مونکي.
رکڙي پريم جي آهي نشاني،
وڏڙو ٿي ڪج رکشا جاني.
ڪڏهن نه همايون ناتو نڀايو،
راڻي ڪرموتيءَ کي بچايو.
رکجان ءِ مونسان ناتو قائم،
ڦلندين ڦولندين ڀائو دائم.

ڊاڪٽر ٿيندس

امان! پڙهي مان ڊاڪٽر ٿيندس!
قوم پنهنجي ڪي ڪم مان ايندس!
بيمارن جي ڪندس مان شيوا،
تن کي ڏيندس دوا ۽ ميوا.
مِسڪينن جي سار مان لهندس،
تن کي پيار همدردي ڏيندس.
گهر جائي ڪان فِي نه مان وٺندس،
مفت دوائون تن کي ڏيندس.
ڳوٺن ۾ ٻيي جي بيمار،
تن جي وڃي مان لهندس سار.
مون وٽ جيڪو ناخوش ايندو،
چڱو ڀلو ۽ خوش ٿي ويندو.
مونکي ٿيندي پوءِ سرهائي،
جيون ٿيندي اِئين سجائي.
هرڪو دعائون مونکي ڏيندو،
گهر جو نالو روشن ٿيندو.

وئڪيشن



امتحان کان فارغ ٿياسين،
دادا سان پوءِ انگل ڪياسين ،
ملي وئڪيشن آهي اسانکي،
فرصت پيي پٽ آهي اوهانکي،
لکي پڙهي پيا ٿڪجي آهيون ،
هاڻي سير ڪرڻ ٿا چاهيون ،
ناني ءَ جي پيي سڪ لڳي ٢ ،

ماما ماميءَ چئي لکي آ،
دادا مميءَ انگل اگهايو،
جمي ڏيئي پوءِ گلي لڳايو،
خوب گهمايون ٻچا توهانکي،
موقعو گهڻو جو ملندو اسانکي،
ٻي ڏينهن ناسڪ ٽيا سي روانا،
مُنيءَ چنوءَ ڳايا ٽي گانا،
ٽرين ۾ ويٺي سڀ ڪيا سين،
نوان نظارا خوب ڏٺا سين،
جبلن تي جڏهن گاڏي هلي ٿي،
ٿڌي ٿڌي تڏهن هير لڳي ٿي،
نانگ جڏهن نڪري ٿو ٻر مان،
گاڏي نڪتي تڏهن سرنگ مان،
آخر ناسڪ پهچي ويا سين،
نانيءَ ماميءَ سان گڏيا سين،
ناني پيار مان پاڪر پاتو،
ماميءَ ٻه ڇاتيءَ سان لاتو،
ماموءَ ڏسي ٿيو باغ بهار،
چيائين جيءَ آيا اکين جا ٺار،
اُٿي صبح گوداوري ويا سين،

ممي ۽ دادا سان تر ڳياسين،
چوڌاري مندر هئا جام،
گونج هئي جتي سيتا رام،
شرڌا مان ڪن گهنڊ وڄايا،
آرتيون ڳائي شنک وڄايا،
ٽئين ڏينهن پنچوٽي ۾ وياسين،
رام سيتا جا مندر ڏٺاسين،
تپوبن جي آ مهما نياري،
اُتي هئي شانتي چوڌاري،
قدرت جي آ گود پياري،
جو ويٺو تنهن وتي بهاري،
سوميشور ۾ مڪتي ڌام،
درشن ڪئي آيو وشرام،
ناسڪ مان شرڊي ڀوياسين،
سائين بابا جا درشن ڪياسين،
ناسڪ شهر جو چڪر هنيوسين،
نديءَ مامي سان خوب گهمياسين،
رانديڪا پيءِ جام ورتاسين،
خوب گهمياسين خوب ڦرياسين،
هفتو جهٽ ۾ ٿي ويو پورو،
سڀ ۾ سڦلو سميه سمورو.

شرِي ڪرشن مُرارِي

آيو! شيام مراري آيو!
ملي گيت خوشيءَ جا ڳايو.
پاپين جي هو ناش ڪرڻ لئه،
جنتا جو دک دور ڪرڻ لئه،
پريو پاڻ جيل ۾ جايو،
آيو! شيام مراري آيو!
نند يشودا جي اکين جو تارو،
گانين گوالن جو هو سهارو،
جنهن پريم جو مينهن وسايو،

آيو! شيام مراري آيو!
مٺڙي مٺڙي مرلي وڄائي،
گوپين سان گڏ راس رچائي،
برج ۾ رنگ رچايو،
آيو! شيام مراري آيو!
ارجن کي جنهن گيتا ٻڌائي،
من ۾ گيان جي جوت جڳائي،
اگيان - انڌيرو مٽايو،
آيو! شيام مراري آيو!
مور مکٽ پيتامبر ڌاري،
چڪر سدرشن ڌاري بهاري،
'آشا' ستيه جو جهنڊو جهلايو،
آيو! شيام مراري آيو!



ڳانءِ

ڳانءِ اسانجي آهي ماتا،
رشين منين گڻ تنهن جا ڳاتا.
کير ڳانءِ جو امرت آهي،
جر پي هرگز ڪيت وڌائي.
ڳانءِ جو ڇيڻو آ سڪدائڪ،
گئونٽ ٻرهن جو آ ڦلدائڪ.
ڳانءِ جو پيڇ جو منهن تي گهمائي،
ٻرونه تنهن کي سپنو ستائي.
ڳانءِ جي آهي نماڻي مورت،
پوتر آهي هن جي صورت.
درشن ڪئي دک دور ٿين ٿا،
شرڌالن جا پاپ ڪلت ٿا.
ڪري جو ڳانئن جي ٿوشيوا،
پريو ڏي ٿو تنهن کي ميوا.
گوپال ڪرشن ڳانيون چاريون،
شيام سندر کي ڳانيون پياريون.



آزاديءَ جو ڏينهن

آزاديءَ جو ڏينهن ملهايون،
جهنڊو ترنگو اچو جهلايون.
ڀارت کي آزاد ڪيو جن،
اُچو تن جا ڳڻ اڄ ڳايون.
ڀارت ڀومي باغ اسانجو،
تنهن کي محنت سان سجايون.
اوچ نيچ جو ڀيد نه هت آ،
سڀ کي پنهنجي گلي لڳايون.
ڀارت ماتا سڀن جي داتا،
تنهن جي چرنن سيس نوايون.
سچ ۽ پريم جي راهه تي آشا
گڏجي گڏ جي قدم وڌايون.

گدڙ ۽ ڊاک

باغ ۾ گھمندو گدڙ آيو،
ڊاک ڏسي ڦوليو نہ سمايو.
ڊاک ولين تي پھچڻ لِءِ
ٽپو ڏنائين ٽن کي پٽڻ لِءِ
ول تائين پھچي ڪين سگھيو ٿي،
دل ئي دل ۾ لڄي ٿيو پيئي.
چيائين ڊاک آ ڏاڍي کٽي.
مونکي وڻندي ڊاک آ مٺي
جي نہ سڦل ڪنھن ڪم ۾ ٿئي ٿو،
ٻئي تي ماڻھو ڏوھہ ڏئي ٿو.

گرونانک شاھ

گرونانک شاھ نرھنکاري،
وڃان سد سد مان ٻلھاري.
ڪلجگ جو اوتار ھئين تون،
گيان سندو گلزار ھئين تون،
ڀڳتيءَ جو ڀنڊار ھئين تون،
تو ۾ پريم جي جوتي ٻاري،
گرونانک شاھ نرھنڪاري.

٢ نام پر پوءِ جو جيئو جيايو،
تو مکتي مارگ اچي بتايو،
- پريمين کي تو پار لگايو،
تو سچ جي پيڙي تاري،
گرو نانک شاهہ نرهنکاري.
٣ هيٺن جو همراهہ هئين تون،
شاهن جو با شاهہ هئين تون،
نثاون جو ثانءُ هئيت تون،
پگتن جي پيئج سنواري،
گرو نانک شاهہ نرهنکاري.
٤ پڙهي جو امرت تنهنجي واڻي،
موج مدامي تنهن آ ماڻي،
آهين ستگر تنهن سان ساٿي،
سر آ تنهن جي ساري،
گرو نانک شاهہ نرهنکاري.
٥ دور کيو اگيان - انڌيرو،
آمد تني ٿيو نئون سويرو،
'آشا' من ۾ آيو ڦيرو،
ٿي چوڌر باغ بهاري،
گرو نانک شاهہ نرهنکاري.



لغڙ

اَچو تہ يارو لغڙ اُڏايون!
لغڙ اُڏائي شرط پڄايون.
مٿي مٿي منهنجو لغڙ وڃي ٿو،
آسمان ۾ لغڙ اُڏي ٿو.
رنگا رنگي آ لغڙ تہ منهنجو،
مانجهي وارو ڏاڳو جنهنجو.
ڪوئي هنگي ڪٿي نہ سگهندو،
چنڊ لوڪ ۾ پهچي ويندو،
لغڙ تہ منهنجو بلي بلي!
ڪيئن نہ هوا ۾ هلي هلي!

وڻ

وڻ ته ٻين جي لاءِ جيئن ٿا،
ڪيڏا ڦل ۽ ڦول ڏين ٿا.
ڇايا سنڌن قدرت جي ڇٽي ٿي،
هيٺان ويهڻ سان تپت مٽي ٿي.
پکي اُتي آکيرا ٺاهن،
ٻچڙن سان ٿا رات گذارن.
وڻن سبب برسات وسي ٿي،
ڌرتي ساري سبز ٿئي ٿي.
وڻ ڌرتيءَ جي دولت آهن،
وڻ قادر جي نِعمت آهن.
ڪين وڍيو وڻ پر وڻ پوکيو،
وڻ پوکي توهين پاڻ کي موکيو.
وڻ سڀ لئه آهن سکدائي،
تون به ته جيون ڪر ڦلدائي.

مهاتما گانڌي

گانڌي تنھنجي جئه جئه جئڪار،
پيارا باپو! توکي نمسڪار.

ذات پات جو ڀيد مٽايو،
هريجن کي گلي لڳايو،
سڀني کي ڏنو پنھنجو پيار،
گانڌي تنھنجي جئه جئه جئڪار!

آزاديءَ جو تو ناد وڄايو،
سُتلن کي آچي تو جاڳايو،
قوم جي ڪشتي لڳائي پار،
گانڌي تنھنجي جئه جئه جئڪار!

پريم دَيا جي جوت جڳائِي،
ستيه سھڪار جي راهه ٻڌائِي،
آهنسا جو هئين تون اوتار،
گانڌي تنھنجي جئه جئه جئڪار!

گُلاب جو گُل

گل گلاب جو گلن جو راڄا،
اَنب جئن آ ڦلن جو راڄا.
ڳاڙهو ڳاڙهو گل گلابي،
ڏسي جنهن کي ٿي بيتابي.
ڪنڊن ۾ پيو مشڪي پيو ٿو،
مشڪي مهڪي ٻهڪي ٿو!
مرڪڻ جو ٿو راز سلي،
گل گلاب جو بلي بلي!
صورت هن جي سُهڻي آهي،
سيرت هن جي مُٺي آهي.
ڏسندي دل ٿئي باغ بهار،
بلبل جو آ هن سان پيار.

چاچا نهرو

اَمَن جا اُپاسڪ چاچا نهرو پيارا!
هِندي قوم جي ۽ دلين جا دُلارا!
سَڀَني وِشوَ کي توئي پريوار ڄاتو،
تو ساري دُنيا سان رِشتو نينهن ناتو.
تو باپوءَ جي ڪَشتيءَ کي اڳتي وڌايو،
سَندس آدرشن جو جهنڊو تو جهلايو.
خزان هئي چمن ۾ تو آندي بَهاري،
ٽِڙيا گُلَ هزارين ٿِي سُگنڌي چوڌاري.
ڪروڙن دِلين ۾ آ آستان تنهنجو،
سَدا ٻهڪندو رهي گلستان تنهنجو!



دادا ساڌو واسواڻي

پيارا دادا! توکي نمسڪار
وار وار نمسڪار
گيان جي دادا تو جوت جڳائي،
سمرن شيوا جي راهه ٻتائي،
ديا پريم جو تون اوتار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!
دور ڪيا تو ڏک ڏکين جا،
پيٽ ڀريا تو پيٽ بکين جا،
بيواهن جو تون آڌار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!
ستلن کي دادا تو جڳايو،
جيو ديا جو سنديش سڻايو،
پکين پسن کي ڏنئه تو پيار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!
دادل شاهه تنهنجو جنم ملهايون،
تنهنجي گڻ جا گيت ڳايون،
آشا، پايون گلن جا هار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!

ميوا

اَنبُ ميون جو ڙاجا آهي،
هَرڪو تَنهن کي چاههَ سان کائي.
صُوفَ کائِڻ سانِ شڪتي مِلي ٿي،
طاقت سان گڏُ صِحَت ٺَهي ٿِي.
ڪيلي ۾ پِڻ ڪئِلشَم آهي،
زيتُون ڏاڍي سُونهَن وڌائي.
پَپِيتو پيٽَ کي صاف ڪري ٿو،
اَنجِير، اَنگُور رَتُ نَئُون پَري ٿو.
ڏاڙهُون، اَناس ٻِيا ميوا کائُون،
ميوا کائِي صِحَتَ کي ٺاهِيُون



هولي

هولي آئي! هولي آئي!
ٻارن جي آئي آ ٽولي.

هڪ ٻئي کي ٿا رنگ لڳائين،
رنگ لڳائن۔ خوب پسائن.

نر ۽ نارِيون سڀ خوش آهن،
ڪيسر جي برسات وسائن.

برج ۾ شيام ملهائي هولي،
رادا گوپين گوال ۽ گولي.

ڪرشن ڪَنَ پچڪاريون ماريون،
تتل دليون ٺن جون ٿي ٺاريون.

اڇوت گڏجي هولي ملهايون،
پريم جو 'آشا' رنگ لڳايون.

پرهلاد جيان پرڀوءَ کي ڌيايون،
رام نام جي ڌوم مچايون.

ڳُڏِي

هڪ ٻه ٽي،
اَمان ڳڏي آڻي ڏي!
ٻه ٽي چار،
ڪريان ڳڏيءَ کي پيار.
ٽي چار پنج،
وهاريان ڳڏيءَ کي هَنج.
چار پنج ڇهه،
پايان ڳڏيءَ کي ڳهَه.
پنج ڇهه ست،
سوني ڳڏيءَ جي نَٿَ.
ڇهَه سَتَ اَٺَ،
ڏس ڳڏيءَ جا ٺَٺَ!
سَتَ اَٺَ نَوَ،
ڳڏيءَ ڪائي ڪيا ڏَوَ.
اَٺ نَوَ ڏهَه،
ڳڏي ٻهڪي ٻهَ ٻهَ!

سوامي ٽيئونرام مهاراج

سوامي ٽيئونرام جڳ جڳڪار،
سنڌ ۾ وٺي آئين اوتار!

سنڌڙي ءَ جو تون سنت سونهارو،
ديش وديش ۾ ٿئين هاڪارو،
چوڌاري تنهنجي هيڪار،
سوامي ٽيئونرام جڳ جڳڪار!

پريم پرڪاش منڊل تو ٺاهي،
ستنام ساکي جپي جيائي،
پريم جو توکيو مٺا پرچار،
سوامي ٽيئونرام جڳ جڳڪار!

گرونانڪ جيان صورت نماڻي،
اَمرت جهڙي تنهنجي واڻي،
گيان سندو تون هئين گلزار،
سوامي ٽيئونرام جڳ جڳڪار!

سار لڌي تو دکين بکين جي،
سيوا ڪئي تو پست پکين جي،
'آشا' ڀڳتيءَ جو تون ڀنڊار،
سوامي ٽيئونرام جڳ جڳڪار!

لولي

١ پيارَ مان توکي ڏيان مان لولي،
وڃان توتان گهولي گهولي!

١. لکي پڙهي هوشيارَ تون ٿيندين،
قوم پنهنجي ڪي ڪم تون ايندين،
پر پو پريندو تنهنجي جهولي،
پيارَ مان توکي ڏيان مان لولي.

٢. ڪوُنڙي ول وانگر تون وڌندين،
ڏکيو نہ ڪڏهن ڏينهن تون ڏسندين،
سائين ڪندو تنهنجي سوءِلي،
پيارَ مان توکي ڏيان مان لولي.

۳. لعل دلارا ! سونو پيارا !
منهنجي اکڙين جا اي تارا !
نانيءَ آندي تولءِ چولي،
پيار مان توکي ڏيان مان لولي.

۴. دکين جي تون کجاءِ نشيوا،
مالک ڏيندو توکي ميوا،
سچ جي هر دم بولج بولي،
پيار مان توکي ڏيان مان لولي.

بَدِيءَ ۾ بَلُ

هڪين ڦاسائڻ خاطر ماريءَ جهنگل ۾ جار وڇايو،
ان جا داڻا ڦٽا ڪيا اُت مطلب تنهن ئي سمجهايو.

ان جا داڻا ڏسي پکي سي هيٺ زمين تي آيا،
کائڻ لڳا جنءَ چوگو پکيئڙا ماريءَ منجهه منجهايا.

ماري ڏاڍو خوش ٿيو دل ۾ دام ۾ پکي ڦاسايا،
پوءِ هيو هن جو ٿاب پيو، هن گيت خوشيءَ مان گايا.

پاڻ کي قاتل ڏسي پکين همٿ ڪين ڪي هاري،
چار سوڏا آڪاش اُڏاڻا، پيو عجب ۾ ماري.

پکي سياڻا ٻڌي ڪري چار به ڪٽي اُڏاڻا ،
ويڙهه محنت ماري جي ڪاڏائون آن جاداڻا.

چار سوڏا سپ پکي اُڏامي ماڳ پنهنجي تي آيا،
چار ڪتيو هڪ ڪوٺي سندن خوشي ۾ ڪين سمايا.

آهي ٻڌيءَ جو قل آزاديءَ دل سان سکيا هنداءون،
پاڻ ۾ ايڪو ڪريون سيئي خوش تي رهڻ ٿا چاهيون.



راند روند

چاھہ وٺو راندين ۾ ٻارو!
راند روند ۾ ٿيو هوشيار.

راند روند جو ساڌن آهي،
راند روند ٿي صحت بہ ٺاهي.

راند ڪرڻ سان چستي اچي ٿي،
لکڻ پڙهڻ ۾ دل بہ لڳي ٿي.

راند بہ ڄڻ هڪ ڪسرت آهي،
آگهي ماڻهوءَ کي سگهو بڻائي.

راند ڪرڻ سان موج اچي ٿي،
تن من جي پي شڪتي وڌي ٿي.

گُلَ

قسمين قسمين ڦول پيارا،
سگنڌ ڏين ٿا سي سونهن وارا،
ڏسي اُنهن کي نيڻ ٺرن ٿا،
گل پوڄا جي لاءِ کپن ٿا.
رَس لئِه پوپٽ خوب ڦرن ٿا،
پيار مَنجهان گُل سواگت کن ٿا.
بلبل پيي کري گلن کي پيار،
هر کو ڏسي ٿئي باغ بهار.
کي کي گل دکه درد مٽائن،
کي کي گل ٿا سونهن وڌائِن.
گلن جيان ٽل اسين بہ مَهکون!
مَهکي مَهکي اسين بہ ٽهکون!

ميلو

دادا سان ميلي تي ويس مان،
خوب گهميس ۽ خوب ڦريس مان.

ميلي ۾ ماڻهو ها حشام،
رانديڪن وارا پيي هئا جام.

دادا وٺي ڏني هڪ ڪار،
تيز آهي جنهن جي رفتار.

ڪار ته منهنجي ٻلي! ٻلي!
چاٻي ڏيڻ سان هلي! هلي!

ڪاڏم چولا ڍِيل ۽ چاپ،
چوسيم چوسيم لالي پاپ.

دادا سان چوڏيل چڙهيس مان.
ڦرٽين ۾ پيئي خوب ڦريس مان.

بکيو آهيان ڪو پيٽ ڀري،
سورداس چيو ڏانهن ڪري.

اُن کي ڪاڏو وٺي ڪاڙيو،
شربت ٻه تنهن کي پيئاريو.

دعا ڪندي سورداس چيو،
اوهان موت تي اُپڪار ڪيو.

ڀلو ڪندو ڀڳوان اوهانجو،
اوچو ٿيندو نشان توهانجو.

ٻين جي جيڪو سار لهي ٿو،
وِنگو نه تنهن جو وار ٿئي ٿو.

زبان

زبانَ جنهنجي مِٺڙي سو سڀ کي وڻي ٿو،

هزارن دِلين جو سوراجا بڻي ٿو.

زِبان جنهنجي مِٺڙي ۽ دِل پيي آمنڙي،

ڪِروڙَن دِليُن تي حُڪُومَت ڪري ٿو.

گُڻَن وارو سَڀَ کي سدائِين وڻي ٿو،

هُجي توڙي ڌاريو تَ پنهنجو بڻي ٿو.

بهار

گلشن ۾ ٿي آ گلزاري،
دل کي وڻندڙ رونق پياري.
آئي مند بهار جي آهي،
ڪوئل گيت سُريلا ڳائي.
گذري سا مند سرءُ واري،
هاڻي هير لڳي ٿي پياري.
پانت پانت جا ڦول ٽڙن ٿا،
ٽن تي ڀونئرا خوب ڦرن ٿا.
ڏسي گلن کي بلبل خوش ٿي،
چمي ٿي گل کي، هر دل خوش ٿي.
وڻ سڀ ٿيا ساوا آهن،
پکي پرندا موج منائن.
ماڻهن ۾ پئي آ سرهائي،
مند بسنت جي جيءُ نيچ آئي!

آءُ ڪانوَ!

آءُ ڪانوَ توُن آءُ!
توُن مٺو لولو ڪاءُ!
ڪان ڪان ڪانوَ تون ڪيڏي ڪرين ٿو!
سڪ مان سڏڙا ڪنهن کي ڪرين ٿو؟
ڇا ايندو منهنجو ڀاءُ؟
آءُ ڪانوَ! تون آءُ!
نانيءَ جي ڇا چٺي ايندي؟
خوب خوشي اسانکي ٿيندي.
ڇا لڳندو اهڙو واءُ؟
آءُ ڪانوَ! تون آءُ!
بابا ڇا ڪشمير مان ايندو؟
ٿول رانديڪا مونکي ڏيندو؟
خوش مان، منهنجي ماءُ!
آءُ ڪانوَ! تون آءُ!

بجلي

رات کي مان ٿي ڏينهن بڻايان،
اونده ساري آنءُ مٽايان.

دوري دور ڪريان ميلن جي،
ريل گاڏين کي آنءُ هلايان.

هن يگ جي هستي مون ڪارڻ،
ڪروڙن جي لئہ سهارو آهيان.

مون بن بند مليون ڪارخانا،
مان روح سين جي آهيان.

فلمون منهنجي سبب ڏسو ٿا،
گهر ويٺي ٿي حال ٻڌايان.



سھنج ڪيا مون ميسر ڪيئي،
مان ٿي ڪيڏا پال پلايان.
ڪاڏو جلدي تيار ڪريان ٿي،
منٽن ۾ ٿي چانھ بڻايان.
جنھن ماڙي تي پھچڻ چاهيو،
لفٽ دوارا ٿي پھچايان.
مان نہ ھجان جيون ٿئي مشڪل،
مشڪل کي آسان بڻايان.
ڪل يگ جي ھستي مون ڪارڻ،
مان ٿي پوره ھيو وقت بچايان.

جَئہ ڀارتي

جئہ ڀارتي! جئہ ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي!
سرڳ کان وڌ تون ڀارت ماتا،
سڀني سکن جي آهين داتا،
وشو سڀني سان تنهنجا ناتا،
جئہ ڀارتي! جئہ ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي!
هيءَ ڀومي آهي رام ڪرشن جي،
گوتم گانڌي رشين منين جي،
مٽي بہ آهي سون وطن جي،
جئہ ڀارتي! جئہ ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي!
هيءَ ڀومي جڳ کان نياري آ،
هيءَ پراڻن کان پيپياري آ،
جنڊ جان هزارن واري آ،
جئہ ڀارتي! جئہ ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي!



سَتَ ڏِينهَن

هفتي ۾ ڪُل سَتَ ڏِينهن يار!
پَهرِين سومر پوءِ مَنگل وار.
مَنگل کان پوءِ ٻُڌَر اَچي ٿو،
ٻُڌَر کان پوءِ وِسپت وار.
وِسپت کان پوءِ جُمعو ڏِيهاڙو،
لِکَڻ پَڙهَڻ لئه رِهجو تيار.
جُمع کان پوءِ ڇَنڇر اِيندو،
ڇنڇر کان پوءِ اَچي آرتوار.
آرتوار آ موڪل جو ڏِينهُن،
گهُمِي ڦِري ڏِيو باغُ بَهار.

راڻي باغ

ٻارو! راڻي باغ ڏسو،
قسمين قسمين پسُون پَسو.
پڃري ۾ ڪئن شينهن بند آهي،
ٻچڙ جو هتڙي پڻُ ڪوناهي.
پلي ڪري پيو شينهن گجڪار،
ڪري نه سگهندو ڪنهنکي شڪار.
ٻي پڃري ۾ هاٿي پڻ آهي،
سونڍ سان ڪاڌو کڻي پيو کائي.
چتڪمرو هي چيتو آهي،
ڪارو ڪارو رڇ هي آهي.
گدڙ - لومڙ گڏ ويٺا آهن،
ڪئن نه مزي سان پيا ٿا کائن.
هرڻ ۽ هرڻي لڳن ٿا پيارا!
خالق خلقيا پسون سونهارا.

ندي

ندي ٿي سڀ جي پياس بُجهائي،
ٻرپٽ کي سرسبز بڻائي.
وهندي هلي ٿي ڏينهن ۽ رات،
جڳ جي ڀلي جي اُن کي تات.
نيرُ نديءَ جو نرمل آهي،
نيرُ نديءَ جو سيتلُ آهي.
هوءَ تہ سدا ٻين لاءِ جيئي ٿي،
پَر اُپڪار جو سبقُ ڏئي ٿي.



پاڇو!

آهي سدائين مون سان ساڻ،
ڪري روشنيءَ ۾ ظاهر پاڻ.
جئن هلان ٿو تئن هلي ٿو،
مان به وِهان ٿو هو به وِهي ٿو،
جي مان نچان ٿو هو به نچي ٿو،
جي مان ٽپان ٿو هو به ٽپي ٿو.
ڪڏهن اڳيان ڪڏهن پُٺيان اچي ٿو،
پاسو منهنجو ڪين ڇڏي ٿو.
جڏهن ڪريان ڪو ڪمُ ڪار،
نقل ڪرڻ لاءِ هر دم تيار.
مان جي ڪيڏيان هو پي ڪيڏي،
ڪڏهن هوڏي ٿي ڪڏهن هيڏي،
هٿ لائڻ سان هٿ نه اچي ٿو،
ڏڏکو مونکي تڏهن لڳي ٿو.
واهه! واهه! عجيب ساٿي آهي،
جنهن تي ڀروسو ڪوئي ناهي.

شينهن ۽ ٻڪري

ٽوليءَ کي هئي ٻڪري هڪڙي،
ڪيڏي ڏيٺ ۾ جوان ۽ تکڙي.
قدرت سان هوءَ ٿي ٻيمار،
ڪيڏي ڏيٺ ڪان ٿي ٻيڪار.
ٻڪري ڏٻري نجهري ويئي،
ڌڻيءَ سوچيو تانوڻ پيئي.
وير ٿي هن کي گاهه ڪارايان،
پئسا ڏيئي ٿو چارايان.
نڪمي ٻڪري هن لئه هاڻي،
جهنگل ۾ ڪيس آيو اُماڻي.
شينهن شڪار لئه نڪتو غفامان،
هاڻيءَ سوند نوائي آدب سان.
شينهن کي ڏسندي ٻڪري ڏکي وئي،
ڪند جهڪائي شينهن شرڻ پئي.

شينهن سوچيو هن کي ڪئن ماريان،
شرڻ آئي کي پنهنجو بڻايان.
هاٿيءَ کي شينهن حڪم ڪيو،
حڪم راڄ جو مڃڻو پيو؛
"ٻڪريءَ کي پنيءَ تي چاڙهج،
ڪنهن وٽ ڇا پڻ ڪاڙهج."
روز ساوا پن ڦل ڦول کائي،
ٻڪريءَ ۾ نئين جيون آئي.
شرڻ آئي جي رکشا ڪجي،
تنهن کي پنهنجو پيار ڏجي.
بين سان پلائي جيڪو رڙي ٿو،
سائين تنهن جي سار لهي ٿو.



جنمڏن

منهنجو اڄ ته جنمڏن آهي،
امان بابا خوش ٿي ملهائي.

هر ڪو مون کي ڏئي واڌائي،
گهر ۾ ڏاڏي آ سرهائي.

نانو آيو! ناني آئي!
آندي مون لئه تن ته مٺائي.

پپو، سونو ۽ ڏيرج آيو،
نچي ٽپي تن ڳانو ڳايو.

گهر ۾ ٿي بجلين جي جهرمر،
جهالر ڦوڪڻا آهن چوڌر.

مائي جو مان ڪيڪ ڪٽيان ٿو،
سڀني کي مان ڪيڪ ڏيان ٿو.

پپا جا پيءِ دوست آيا،
ڏانديڪا جن مون لئه لايا.

امان ڪان آسيس وٺان ٿو،
بابا کي ٻه پيري پوان ٿو.

مون تان سي قربان وڃن ٿا،
جُڳ جُڳ جيئنديت' ائين چون ٿا.

سندر سکيائون

جيڪو صبوح سوير اُٿي ٿو،
ٻاڙ وتنهن جو ڀاڳ کلي ٿو.
جيڪو ڀين سان ڪري ڀلائي،
پڙ پو تنهن سان ٿئي سهائي.
جيڪو ڪندو ڀين جي شيوا،
پڙ پو ڏيندو تنهن کي ميوا.
جيڪي چمڪي سو سون ته ناهي،
پيتل ٻه چمڪي پيو هر ڪائي.
سچ جي جيڪو واٽ وٺي ٿو،
منزل تي سوئي پهچي ٿو.
سچ تي صاحب آهي راضي،
سچ وارائي ڪٽن ٿا بازي.

ڀارت ماتا

ڀارت ماتا آهي اسانکي پراڻن کان ڀي پياري،
لعل-بال-گوپال باپوجي ۽ جنھن تان جان ٻواري.

رامڪرشن گوتم جي ڀومي رشين جو هي استان،
ساکي آ اتهاس اسانجو ڀارت ورش مهان،
گنگا يمنا سرسوتي ڀي ڳائي جنھن جو گان،
آهه هماليه رکشڪ جنھن جو، مهما جنھن جي نياري،
ڀارت ماتا آهي اسانکي پراڻن کان ڀي پياري.

جهنڊو ترنگو تو لهرائي شانتي ۽ جو سنديش سڻائي،
هريو ڀريو آ هندستان نياءُ قرباني ۽ جو توران ٻڌائي،
سنيهه سيوا سهڪار ستيه جي هر دم راهه ٻتائي،
وشو پريم ۽ پنچ شيل جي نهرو ۽ جوتي ٻاري،
ڀارت ماتا آهي اسانکي پراڻن کان ڀي پياري.

جهوليلعل سائين

جهوليلعل سائين لعلون لعل سائين،
اُڏيرالعل سائين بيڙا پني لائين.

ڪڏن ڪي ڀراٽا جوتيون جڳائن،
پلوءِ پريمي پائين پنجڙا ڳائن،
رکن صدق جيڪي مرادون تن پڄائين،
جهوليلعل سائين بيڙا بني لائين.

سنڌين جو آهين تون اوتار سائين،
آسون سڀ جون تون ئي پڄائين،
تنهنجو در دياجو ڪليل آسدائين،
جهوليلعل سائين بيڙا بني لائين.

پلوءُ پائي 'آشا' دولهہ تنهنجي در تي،
آسيس ڪر ڪا سدا تون سنڌين تي،
ڪيرم ڪند ٿي رهن هو سدائين،
جهوليلعل سائين بيڙا بني لائين.

Soorih Mirani

ڊاڪٽر ديال ”آشا“...

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پوڄنيه دادا ڄشن واسواڻي
سان گڏ سندن پيار ۾...

ڀارت جي پرڌان منتري
شريمتي اندرا گانڌيءَ
کي پستڪ ڀيٽ ڪندي...

ڀارت جي راشٽرپتيءَ کان
ساهتيڪ ۽ سماجڪ شيوائن
لاءِ شيلڊ حاصل ڪندي...

Dr.Dayal 'Asha'

16 December 1936

وڃي ڪين ڪنهن جي ڪمائي آجائي،
ڪندو رهه سڀن سان جڳت ۾ ڀلائي.
جلي وٽ ڏئي ٻين کي روشنائي،
ندي پڻ وهي پياس سڀ جي ٻجهائي.
ٿڌي ڇانوَ ميوو وڻ ٻين کي ڏين ٿا،
اهي ئي سچا منش جي ٻين لئه جيئن ٿا.

Designed By :
Dr.Sandhya Chander Kundnani

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڳوٺ ڪبڙو، تعلقو
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محلو
نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) ١٩٩٠ع
ساڙ سهس ڳجهن (شاعري) 2021ع
ٻره منجهارا ٻوند (شاعري) 2022ع
صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 - 3919786
0300 - 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون لوچو وڃ لوهار

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488